SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1980

SINDH ORDINANCE NO.I OF 1980

فوجي عدالتون (حڪمن جي توثيق) آرڊيننس، 1980

THE MILITARY COURTS (VALIDATION OF ORDERS) ORDINANCE, 1980

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ IX جي دفعه 16 جي ترميم

Amendment of Section 16 of West Pakistan Act IX of 1964

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1980

SINDH ORDINANCE NO.I OF 1980

فوجي عدالتون (حڪمن جي توثيق) آرڊيننس، 1980

THE MILITARY COURTS (VALIDATION OF ORDERS) ORDINANCE, 1980

[19 جنوري 1980]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي مارشل لا آرڊر نمبر 20 تحت فوجي عدالتن پاران جاري ڪيل ڪجهہ حڪمن جي توثيق ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن مارشل لا آرڊر نمبر 20 تحت فوجي عدالتن پاران، مارشل لا ايڊمنسٽريٽر زون 'سي' طرفان جاري ڪيل ڪجهہ حڪمن جي توثيق ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو ويو، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي فوجي عدالتون (حڪمن جي توثيق) آرڊيننس، 1980 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

Short Title and commencement

2. (1) جيستائين ڪنهن عدالت جو ڪو حڪم، ججمينٽ يا فيصلو ڪنهن به وقت تي فوجي عدالت جو جاري ڪيل ايڊمنسٽريٽر زون 'سي' طرفان ڪنهن به ڪارروائي دوران، حڪم جيڪو 16 آگسٽ 1977 ڪانپوءِ ڪيو ويو هجي، مارشل لاءِ آرڊر نمبر 20 تحت ته اهو سنڈ رينٽيڊ پريميسز آرڊيننس، 1979 تحت جاري ڪيل سمجهيو ويندو، جيڪڏهن ڇاٽايل آرڊيننس نافذ العمل هجي، جڏهن اهڙو حڪم جاري ڪيو ويو هوندو ۽ اهو ان سلسلي ۾ هميشه ڪارگر ڇاتو ويندو.

1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ IX جي دفعه 16 جي ترميم

Amendment of Section 16 of West Pakistan Act IX of 1964

(2) ڪو به شخص جيڪو اهڙي حڪم سان متاثر ٿيو هجي جيئن ذيلي دفعه (1) ۾ حوالو ڏنو ويو آهي، ته هن آرڊيننس جي شروعات جي ٽيهن ڏينهن دوران هاءِ ڪورٽ کي رجوع ڪري يا اپيل ڪري سگهي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.